شـري سـتـنـام سـاکـي

انمرت وچن

۽

جيوني

ستگرو سوامي شري ماڌوداس مهراج

شري ستنام ساکي

انمبرٿ وچن

۽

جيوني

ستگرو سوامي شري ماڌوداس مهراج

لکندڙ ۽ گڏ ڪندڙ:
شريمتي لکشمي ڪيسواڻي
جمناداس ڪيسواڻي

ڇپائيندڙ:
شري ماڌوداس ٽرسٽ
پريم پرڪاش آشرم آدرش نگر، اجمير

جلد ۲۰۰۰]   حق واسطا قائم   [دفعو ۱

19 - 5 - 85

اوم شري ستنام ساکي



شري ١٠٠٨ پريم پرڪاش منڊلاچاري
ستگرو سوامي ٽيئونرام مهراج
ٽنڊو آدم سنڌ

ملڻ جو هنڌ :

پريم پرڪاش آشرم

آدرش نگر، اجمير



ڇپائيندڙ : شري ماڌوداس ٽرسٽ
پريم پرڪاش آشرم، آدرش نگر، اجمير

ڇپيندڙ : ڪنيالال ڪرنا، سنڌ پرنٽنگ پريس
ڪيسر گنج، اجمير

اوم شري ستنام ساکي



ستگرو سوامي شري ماڌوداس مهراج

مختصر جيوني

ستگرو سوامي شري ماڌوداس مهراج

اوم شري گڻيشاءِ نمه
اوم شري گرو پرماتمائي نمه
اوم شري سرسوتي ماتا ديوي ني نمه
اوم شري سرو انترجامي ڀڳوان ني نمه

شري ڪرشن ڀڳوان گيتا ۾ چيو آهي ته جڏهن ڌرم جي هاڃي ٿئي ٿي ۽ ڀڳتن تي ڀيڙ پوي ٿي تڏهن ڀڳوان خود ديهه ڌاري ڌرم جي رکشا ڪرڻ لاءِ ۽ گيان جو پرڪاش ڦهلائڻ لاءِ ڌرتيءَ تي جنم وٺي ٿو.

اهڙيءَ طرح سنت جن به ڀڳتن جي ڪلياڻ ڪرڻ لاءِ انساني چولي ۾ اچي اگيان جي اونداهه کي هٽائي گيان جو پرڪاش ڦهلائي، تپتل دلين تي ٿڌو ڇنڊو هڻي آتم گيان روپي امرت پيارين ٿا.

سنت شرومڻي، برهم گياني، برهم نشٺي پرم پوڄيه گرو مهراج سوامي ماڌوداس جن به ڀڳتن جي ڪلياڻ ڪرڻ لاءِ ئي ديو لوڪ مان اچي انساني ديهه ڌاري پريم جو امر پرڪاش ڦهلايو.

سوامي ٽيئون رام جن پڌاريا. سوامي ٽيئون رام جن
کي پرم پرڪاشي چوندا هئا. ڇاڪاڻ ته سندن جهڙو
سڀني ڌرمن، سڀني ذاتين، سڀني ورنن ۽ آشرمن
سان پيار هوندو هو ۽ سڀ ڪنهن کي آدر ستڪار سان
ڏسندا هئا ۽ سڀني سان پريم جو ورتاءُ ڪندا هئا.
تنهن ڪري سندن پرم پرڪاشي نالو پيو ۽ ويو تنهن
ڪانسواءِ سوامي جن خود پرم پرڪاشي منڊل استاپت
ڪيو ۽ پاڻ انهيءَ منڊل جا آچاريه هئا جنهن ڪري
سوامي ٽيئون رام مهراج جن کي پرم پرڪاشي منڊلا
چاريه چوندا آهن. سوامي ٽيئون رام مهراج جن سنڌ
ديش جي حيدرآباد ضلع جي ڪنڊو نالي هڪ شهر ۾
سنبت ١٩٤٤ آکاڙ مهني جي ٤ تاريخ چنڊ تٿ ڇنڇر
ڏينهن جنم ورتو هو. سندن پتا جو نالو ڀڳت چيلارام
هو ۽ سندن ماتا جو نالو ماتا ڪرشناوتي ديوي هو.
بالڪ اوستا ڪنڊوءَ ۾ گذاري پوءِ ٽنڊي آدم شهر جي
ڏکڻ طرف واريءَ جي ڀٽ مٿان هڪ سندر استان
استاپت ڪيو، جنهن کي امراپور دربار ڪري چوندا
هئا. ان دربار جي چوطرف هڪ سندر باغيچو هو.
ان باغيچي ۾ هڪ سيتل ۽ مٺي جل جو کوهه هو جنهن
مان سڄي دربار ۽ باغيچي کي پاڻي ملندو هو. هي
امراپور دربار سڄيءَ سنڌ ۾ وڏي ۽ مهاسندر هئي.
سوامي جن سڄيءَ سنڌ جي شهر شهر ۾ رام نام ۽ سنتن

سوامي جن جو جنم سنبت ١٩٧١ عيسوي سنه ١٩١٣
ويساک مهني جي ١٩ تاريخ ٻنڊ ڳوٺ تعلقي هالا
ضلع حيدرآباد سنڌ ۾ پوجنيه ڏاڏي صاحب گيهومل
داسواڻي جي ڪل ۾ پتا صاحب مولچند کتري جي
گهر ماتا ديوي ٻائيءَ جي گرڀ مان پرانه ڪال ۴
ٻجي ٿيو.

سوامي جن جي ڪنڊلي تمام سٺن گرهن ۾ هئي
تنهن ڪري برهمڻن انهيءَ وقت ئي چيو ته هي ٻالڪ
وڏو ودوان ۽ تمام تياڳي ٿيندو. سوامي جن کي
سندن پتا پنجن سالن جي عمر ۾ اسڪول پڙهڻ لاءِ
ويهاريو جتي هو هوشياريءَ سان علم پرائڻ لڳا. پر
ٻالڪ لاءِ پهرين پاٺشالا گهر آهي جتي هو ماتا پتا
روپي گروءَ کان گيان جو پهريون سبق پرائي ٿو.
سوامي پريو پريم جو پهريون پيالو گهر مان ئي پيتو.
سندن پتا صاحب پرڀوءَ جا پيارا هئا. هو پرڀات
ويلي اٿي ڀڄن ڳائيندا هئا. سندن ڪاڪو سيٺو مل
ٻي ڏاڍو هري ڀڳت ۽ ستسنگي هو ۽ انهيءَ جو سوامي
جن سان ڏاڍو پريم هوندو هو. هو کين هر روز پاڻ
سان گڏ ستسنگ ۾ وٺي ويندا هئا. سوامي جن مٿان
ستسنگ جو ڏاڍو گهرو اثر پيو جنهن ڪري سندن
سڀاءُ تمام مٺو ۽ سيتل ٿي پيو.

انهن ڏينهن ۾ ان ڳوٺ ۾ ڀاڳن سان ستگرو مهراج

ڪري سندن موهه ھن سنسار مان نڪري وڃي ٻرپوءَ جي چرنن ۾ لڳو. ڪجهه ڏينهن هو ٻي مٺو تي کهر ۾ گذاريندا رهيا. پر ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ گهر ڇڏي ڳوٺ جي ٻاهران هڪ وڻ تي چڙهي وڃي ويٺا اُتي هو پرڀوءَ جي ڀڳتيءَ ۾ لين ٿي ويندا هئا. سندن گهر وارا هن کي ڪاڏو ڏيڻ جي ڀالي وڻ تان هيٺ لاهڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. پر جن جو من پرڀو روپي امرت پي رهيو هو انهن کي اُڄ بک جي ڪهڙي پرواهه. آخر رات ويلي سندن مائٽ ۽ ڳوٺ وارا واپس هلي ويندا هئا. تڏهن سائين جن هڪ پهر رات گذرڻ ڪانپوءِ وڻ تان لهي ان جي پرسان راڇورام جي مڙهيءَ ۾ وڃي ٿوري دير آرام ڪري ڪوهه تان اشنان ڪري امرت ويلي شري راڇورام کان گائين وديا جو منتر وٺندا هئا ۽ اچو صبوح ٿيڻ کان اڳ ئي وڻ تي چڙهي هري ڀڄن ۾ لين ٿي ويندا هئا. اهو سلسلو گهڻائي ڏينهن هليو. آخر ۾ سوچيائون ته هيئن روز روز پرڀوار جا ماڻهو ۽ ڳوٺ وارا پيا مونکي مايا موهه ڏانهن ڇڪيندا تنهن کان سٺو آهي ته جنهن درويش جو درشن مون ڪجهه ڏينهن اڳ ڪيو هو ۽ اڄ ٻه جڏهن ٻرپوءَ جو سمرڻ ڪريان ٿو ته ان درويش جو ئي ٿو روپ اکين اڳيان اچي، سو ڇو ڪين ان جي چرنن ۾ شرڻ وٺان.

ڌرم جو پرچار ڪندا هئا ۽ منڊلي وٽي رٿن ڪندا رهندا هئا. اهڙيءَ طرح سان پرچار ڪندا هڪ ڏينهن اچي پنڊ ڳوٺ ۾ پهتا. سو بالڪ ماڌو ڪي سندن چاچو ڀڳت سيٺومل وٽي اني گروجن جي چرڻن ۾ پهتا. بالڪ اهڙي پورن گروءَ جو درشن ڪري ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ان وقت ئي من ۾ اهو سنڪلپ ڪيائين ته ان مها پرش کي پنهنجو گرو بڻائيندس ۽ سچي لگن سان ان ڏينهن کان وٺي پنهنجو من سنسار جي مايا موهه کان ويو پليندو ۽ پريوءَ سان تار ويو جوڙيندو.

سوامي جن هي اوتاري جنم ورتو ئي انهيءَ لاءِ ته هو سنسار جي ماڻهن کان نام جي ڪمائي ڪرائي سندن جيون سڦلو ڪري ۽ کين ڀوساگر مان پار لڳائين. اهو مقصد ته کين پورو ڪرڻو ئي هو ۽ گيان جو ديپڪ ته جلائڻو هو ان کي صرف چڻنگ لڳڻ جي ضرورت هئي.

سچ پڇ هاڻي ان چڻنگ لڳڻ جو سمو اچي پهتو جو سندن ماتا صاحب ديوي بائيءَ جو ويلو ٿي رهيو هو. ان ولم ۾ سندن گهر ۾ هڪ نماڻي ٻولڙ ڪنيا جنم ورتو جنهن جو نالو مولي بائي رکيو ويو. پر ماتا ديوي بائي جو ديهانت ٿي ويو. سوامي جن جو پنهنجي ماتا سان تمام سچو پيار هو. ان ڪري هن حادثي کي هو برداشت نه ڪري سگهيا. هن غم

پر جيئن ته سوامي جن جي عمر ١١-١٢ سال هئي تنهن ڪري ڪجهه ڏينهن لاءِ وديا پراپت ڪرڻ لاءِ ماهر ودوانن ڏانهن روانو ڪيو جتان هو سنسڪرت پرشن ۽ گائن وديا پراپت ڪري واپس پنهنجي گروءَ جي چرنن ۾ پهچي ويا. گرو مهراج هنن لئي ڏاڍو پرشن ٿي روز جيڪي دربار تي ٿيندو هو ستسنگ ويهڻ ۽ پنهنجي هٿن سان گڏ ستسنگ ڪرائڻ ۽ پروچن ڏيڻ ۾ ماهر ڪندا ويا. جڏهن گرو مهراج جن منڊلي وٺي ستسنگ ڪرڻ لاءِ ٻاهر ويندا هئا تہ ان منڊليءَ ۾ سوامي جن کي بہ ضرور وٺي ويندا هئا. اهڙي طرح سڄي اتر ڀارت، هردوار، ڪاشي، ڪشمير، بنارس پنجاب ديش ۾ پروچن ڪرائيندا ۽ مترن جو اچار ڪرائيندا جڳهہ جڳهہ جي استانن جي مهما جو گيان ڪرائيندا ڪين ان وديا ۾ پرپورڻ ڪندا رهيا.

واپس جڏهن امراپور استان تي پهتا تڏهن محسوس ڪيائون تہ هاڻ ماڌوداس پورڻ ساڌ ٿي چڪو آهي انڪري هنن کي پنهنجي منزل مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي استان تي موڪلڻ گهرجي جيئن سنسار جا ماڻهو سندن آتم گيان ۽ پرڪاش جو پورو پورو لاڀ وٺي سگهن. انڪري گروجن ماڌوداس جن کي پاڻ وٽ گهرائي آگيا ڪئي تہ ٻچا تون حيدرآباد جو ٻالڪ آهين ۽ ان استان تي تنهنجي هن وقت ضرورت

اهو ويچار من ۾ ايندي ئي وڃڻ تان لهي پنڌ
ڪرڻ شروع ڪيائون. منزلون هڻندا وڃي ننڍي آدم
۾ امراپور دربار تي سوامي ٽيئونرام جي چرڻن ۾ سيس
نمائي گرو منتر جي پرارٿنا ڪيائون. سو سائين ٽيئونرام
جن سندن سچي پريم جي پريکشا وٺڻ لاءِ سندن کي
ڏکڙا ڏيئي گهر موٽي وڃڻ لاءِ چيو. پر آخر جڏهن
سائين جن واپس موٽڻ کان نابري واري ويٺا تڏهن
چيائون ته جيڪا ڪرت ڪار پيا شش پيا ڪن سا
وڃي ڪر. اهو ٻڌي سوامي جن ڏاڍو پرسن ٿيا ۽ پاڻ
گرو ڀڳتي ۽ آشرم جي شيوا ۾ تن من سان لڳي ويا
۽ رات جي وقت آشرم جي ٻاهران ڪڏا کوٽي ويٺا
ڀڳتي ڪندا هئا. پر ٿورن ڏينهن کانپوءِ سچ پچ
سندن پريوار وارا اُتي آشرم تي پهچي ويا ۽ سندن
کي ڌمڪائي هيسائي واپس ٻنڌ ڳوٺ ۾ وٺي ويا.

جنهن هڪ ڀيرو نام روپي امرت جو آنند پاتي
ڏٺو تنهن جو من سنسار روپي کاري ساگر ۾ ڪيئن
لڳندو. سو آخر ۾ وري ڳوٺ کي تياڳي اچي گرن
جي شرڻ ورتائون. گروءَ کي به سندن سچي پريم
اڳيان جهڪڻو پيو. جيئن هيري جي پرک جوهري
ڪندو آهي تيئن گرو مهراج جن به سوامي جن ۾ آتم
جوتي پرکي کين هميشه لاءِ پنهنجي چرڻن ۾ شرڻ
ڏني ۽ نيم انوسار شش بڻائي کين نام جو دان ڏنو.

ستسنگ ۾ پروچن ٻڌندا رهندا هئا ۽ سمي سمي تي
سوامي ٽيئونرام جن به اچي حيدرآباد واسين کي
ستسنگ ۽ درشن جو لاڀ ڏيندا هئا. پر جيئن ته
سوامي ٽيئونرام جن جو سوامي مادوداس جن کي وچن
ڏنل هو ته آخر سمي ۾ مان توکان پورن شيوا گرو ڀيٽا
جي روپ ۾ وٺي توکي رڻ کان مڪت ڪندس.
سو سمو اچي پهتو سنبت ١٩٩٩ جي پرشوتم مهني ۾.
سوامي ٽيئونرام مهاراج جن جو سواستيه ڪجهه بگڙيل
هو انڪري حيدرآباد ۾ سوامي مادوداس جي دربار
۾ پهچي ويا. پورو هڪ مهنو سوامي ٽيئونرام جن
هر روز ستسنگ جو لاڀ امرت روپي وچن سان
سڀني پريمين کي پياريندا رهيا.

پر ڏينهون پوءِ سندن طبيعت بگڙندي وئي.
سوامي مادوداس جن تن من ۽ ڌن سان پنهنجي گرو
جي پوري لڳن سان شيوا ڪئي آخر ۾ هن سنسار
جي ياترا جو پورو سمو ڄاڻي سنبت ١٩٩٩ جيٺ مهني
جي چوٿين تاريخ چنڊ تت چنڇر جي ڏينهن سوامي
مادوداس وٽ سوامي ٽيئونرام مهاراج جن جوتي جوت
سمايا جنهن ڪري سڄي پريم پرڪاش منڊل ماءِ
ستگرو مهاراج جن جي ورسيءَ جو سڀ اتسو سوامي
مادوداس جن وٽ استاپت ڪيو. ان ڏينهن کان وٺي
اڄ تائين پهرين جيٺ کان وٺي چوٿين جيٺ تائين هر

آهي. جون ٽوڪي پورڻ گيان ڏيئي پرئيپڪ ڪيو آهي.
انڪري ٽون هاڻي اُلي وڃي پنهنجي پرڳتيءَ کي
ڪي وڌاءِ ۽ سنسار جي ماڻهن کان پڻ نام جي ڪمائي
ڪراءِ. اهو حڪم ٻڌي ڀڳت ٽون ته ماڌو وائڙو
ٿي ويو ۽ وڇڻ کان ڪيڀائڻ لڳو ٿڏهن گروءَ وچن
ڏنس ته ماڌو مان ٽوڪي پاڻ کان جدا ڪونه ٿو ڪريان.
پنهنجو انت سمو جان ٿو وقت اچي گڏاريندس ۽ ٽوکان
گرو پرڳتيءَ جو پورو دان وٺندس. ان وقت ٽوڪي
منهنجي جيڪا به شيوا ڪرڻي هجي سا ٽون شيوا
ڪري پنهنجو هردو سيتل ڪريو گروءَ جي وڻ کان
آڄو ٿجانءِ.

گروءَ جو حڪم مڃي پور پچائيندا ته مان حيدرآباد
۾ وڃي ڪٽي رهندس. منهنجي هڙ ۾ ته هڪ ڏوڪڙ
به ڪونهي جو ٻيک لڳيم ته چڙا وٺي پاڻي پيان سو
حيدرآباد ۾ وڃي ڇپا ڪندس. پر سنڌن هردي ۾
گرو پرڳتي ته ڪوٽ ڪوٽ ڀريل هئي انڪري گروءَ
جي وشواس جي ٻلڙي کي پڪڙيندا اچي حيدرآباد
پهتا. سچ پچ ته سنڌن گرو سنڌن جو سڄو بندوبست
اڳيئي ڪري ڇڏيو هو.

حيدرآباد شهر ۾ پهچڻ ڪانپوءِ گروءَ جي مهر سان
سواءِ جن قليلي روپ ٽي زمين وٺي ان جي مٿان
هڪ سندر آشرم جوڙايو جتي نيم سان ٻئي ٽائيم

پرسنگ سنگمرمر جي سندر مورتين ۾ ٺهيل آهن ۽ اهي رامائڻ جا سيئي پرسنگ لمسي ڪرت رامائڻ مان هنديءَ ۾ لکيل آهن جن جي ڏسڻ سان چند گهڙين ۾ سڄي رامائڻ جو درشن ٿئي ٿو ۽ هردي ۾ اڻون آنند پيدا ٿئي ٿو ان مندر جي پرسان گرو مندر پڻ ٺهيل آهي جنهن مندر جي وچ ۾ گرو مهراج جن جي وڏي تصوير استاپت ڪيل آهي ۽ چوڌاري گروءَ جي سڄي جيوني تصويرن رستي چٽرت ڪئي ويئي آهي ۽ ساڳئي وقت انهن تصويرن هيٺان گرو جي جيولي ڪويتا جي روپ ۾ لکي ويئي آهي. مندر کي ڏسندئي ۽ ورلن پڙهندي ائين ٿو لڳي جڻ اج ۾ گرو اسانجي سامهون ساکيات پرگهٽ ٿي هر درشن ڪندڙ ياتريءَ کي درشن ڏين ٿا. ان جي اڳيان هڪ سندر گيتا پردرشن ٺهيل آهي. جنهن جي وچ ۾ راڌا ڪرشن جي سندر مورتي رکيل آهي ۽ چوڌاري گيتا جا ١٨ ادياءِ سنسڪرت ۾ لکيل آهن. ان گيتا جو پاٺ ۾ هرڪو ياتري ٻن ڪلاڪن اندر پوري طرح سان شڌ رتيءَ سان ڪري سگهي ٿو. ان ڪانسواءِ هڪ گردوارو پڻ ٺهيل آهي. ان گردواري ۾ گرو گرنٿ صاحب پرلم پرڪاش گرنٿ ۽ رامائڻ رکيل آهن. سمي سمي تي انهن گرنٿن جا اکنڊ پاٺ ٿيندا رهندا آهن ۽ يوڳي لڳندا رهندا آهن. آشرم جي اندر هڪ

سال سندن جي ورسي ڏاڍي اُتساهه سان ملهائي
ويندي آهي ۔

گروءَ جي جوتي جوت سمائڻ کان ٿورو عرصو پوءِ
سنڌ ديش جو ورهاڱو ٿيو ۔ سوامي ماڌوداس جن ب
قبيلي وارو پنهنجو آشرم ڇڏي هندستان ۾ پڌاريا ۽
١٩٥٠ تائين اجمير بياور بڙودا ڪاڪتي ڪانپور
لکنئو بمبئي الڳ الڳ شهرن ۾ رٽن ڪندا آئي
درباريون لاهيندا ۽ انهن دربارن جو ڪم پريمين کي
سوپيندا آخر ۾ اجمير شهر جي ذڪڻ طرف آدرش نگر
۾ زمين وٺي پريم پرڪاش آشرم نالي هڪ سندر
استان استاپن ڪيائون جنهن ۾ هڪ سندر عاليشان
مندر ٺهرايائون جنهن مندر ۾ سوامي ٽيئونرام جن جي
سنگمرمر جي سندر وڏي مورتي ٺهرائي ١٩٥٠ ۾
استاپن ڪيائون ۔ جتي هر سال جيٺ مهني جي ٻارهن
تاريخ کان چوڏهين تاريخ تائين گرو مهراج جن جي
ورسي وڏي اُتساهه ۽ ڌام ڌوم سان ملهائيندا آهن ۔
ان ورسيءَ جي ميلي ۾ هندستان جي ٻاهر جا ۽
هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ جا پريمي اچي ستسنگ جو
لاڀ وٺندا آهن ۔ سوامي ماڌوداس جن جي پريم
پرڪاش آشرم آدرش نگر اجمير ۾ سوامي ٽيئونرام
صاحب جن جي مندر ڪالسواءِ شري رامائڻ پرڊرشن جو
سندر مندر پڻ ٺهيل آهي جنهن ۾ سڄي رامائڻ جا

سوامي ٽيئونرام جن جون ٻه ويٺل سنگمرمر جون مورتيون
رکيل آهن. هن مندر جي اها خاصيت آهي ته هتي
چوويهن اوتارن جو سنگمرمر جو سندر مورتون رکيل
آهن ۽ ٿوري ۾ انهن جو پرچيه پڻ ڏنل آهي. جنهن
کي پڙهي سناتن ڌرم لاءِ شرڌا وڌي ٿي. ٻيو مندر
جي سامهون گيتا پردرشن، گڻيش مندر، شواليه ۽
نون گرهن جون سنگمرمر جون مورتون ورتن سهت
رکيل آهن. انهن کانسواءِ هڪ وشال سڀا ڀون ۾
سنگمرمر جي سندر مورتن ۽ چوپاين سان رامائڻ جو
وسترت ورڻن ڪيو ويو آهي. جنهن جي درشن سان
سمپورڻ رامائڻ جو گيان پراپت ٿئي ٿو. هتي ٻه
ياترين جي سک سويڌا لاءِ ٻه سندر گيسٽ هائوس
ٺهيل آهن ۽ سندر بغيچو پڻ لڳل آهي. سوامي جن
ڏاڍي چاهه سان هي مندر پنهنجي جيون جي انت
سمي تائين جوڙائيندا رهيا.

سندرتا وشالتا ۽ گيان جي ڪري اڄ هي مندر
پشڪر راڄ ۾ ايندڙ هر ياتري سڪ ۽ شرڌا سان ڏسي
آتمڪ آنند پائي ٿو. هن آشرم سوامي مادوداس، گرو
مهاراج سوامي ٽيئونرام جن ۽ سڄي سنڌي جاتيءَ کي
امر ڪري ڇڏيو آهي.

ان ڪارج جي هلندي هلندي ئي اچانڪ سندن
طبيعت ٿوري خراب ٿي پيئي. سندن طبيعت خراب

سندر هون ڪنب ۾ ٺهيل آهي جتي ڏڻ وار لي وڏيءَ
سان هون ڪيو وڃندو آهي. ڀاڻ ڪان وڌيڪ هو
پنهنجن ششن ۽ اتين کي ڏاڍي عزت ياءِ ڏيندا هئا.
انهن جي سک سوڀدا لاءِ آشرم ۾ به وڏا گيسٽ
هائوس به ٺهرائي ڇڏيا هئائون.

سوامي مادو داس جن ۾ گرو ڀڳتي ڪوٽان ڪوٽ
ڀريل هئي. هو چاهيندا هئا ته مان پنهنجي گرو مهما
جو پش دوران دور جيترو ڦهلائي سگهان اوترو ڦهلايان.
اهو سوچي اجمير جي ويجهو شري پشڪر راج تيرٿ
آهي جو سڀني تيرٿن جو گرو آهي ۽ ست يگ جو پورو
تيرٿ آهي جتي پنج ڪنب پنهنجن پانڊون جا پڻ آهن.
ان تيرٿ استان تي هندستان جا هزارين ماڻهو ته ڇا
پر ودائشي به هزارن جي تعداد ۾ روزانو اشنان ڪرڻ
۽ تيرٿن جو درشن ڪرڻ ايندا آهن. سوامي جن به
سوچيو ته اهڙي استان تي مونکي پنهنجي گروءَ جي
نشاني قائم ڪرڻ گهرجي. اهو سوچي سوامي جن
پشڪر راج تي تمام وڏو زمين جو ٽڪرو ورتي ان جي
مٿان پريم پرڪاش نالي هڪ سندر ۽ ٺيڪ استان
استاپت ڪيو جنهن جي وچ ۾ هڪ سندر عاليشان وشال
سنگمرمر جو مندر ٺهيل آهي. مندر جي وچ ۾ سوامي
ٽيئونرام جن جي وشال پتل مورتي رکيل آهي جنهن
جهڙي سندر مورتي ورلي هوندي. انهي پاسن کان

سان جلوس کي گھمائيندا آخر شنڪر راج ٽيرٿ راج مان ٿيندا واپس جلوس دربار تي پهتو. منجهند جو ٣ بجي اُتي ئي دربار تي چندن جي لڪڙين، ناريلن ۽ گيهه سان اگني سنسڪار ڪيو ويو. ٻه ڪلاڪ کن سانده اگني تمام تيز روپ سان جلندي رهي چارون طرف وڏو منڊل ڏاڍو سڳنڌت ٿي ويو. سڀ برهمي اکين مان ڳوڙها ڳاڙيندا واپس ورڻ لڳا ته اچانڪ وري ٻيءِ ليلا ڏيکاريائون ته پري پري ڪندا سڀ لڳا دور هٽي ويا ۽ سوامي جن ساڪشات روپ ۾ سماڌيءَ ۾ ويٺل علامت تي ترشول جو نشان ۽ هڪ هٿ آشيرواد لاءِ کنيل پرگهٽ ٿيا. جڏهن اها خبر آگ وانگر چارون طرف ڦهلجي ويئي تڏهن رلا ڪري ماڻهو سندن درشن لاءِ موٽي آيا ۽ اها عجيب ليلا ڏسي اچرج ۾ پئجي ويا.

پر ٽين ڏينهن سوامي جن جي سمرتي سڀا ڪوٺائي ويئي جنهن ۾ هزارن برهمڻن سوامي جي مورتيءَ تي شردا جا گل چاڙهيا. ٽيرهين ڏينهن وڌيءَ انوسار هوَن پاٺ ڪري برهم ڀوڄ ڪري سڀني براهمڻن کي دل کولي دان ڏنو ويو. سڀني برهمڻن لاءِ ڀنڊارو ڪيو ويو.

ٽيرهي کانپوءِ ڪيترن برهمڻن جي دل ۾ اها شنڪا اٿي ته سوامي جن پنهنجي پٺيان ڪو چيلو ته ڪونه

ٽيڻ جي خبر ديش وديش جتي به پهتي اُتان جي
ٻراهمڻ جو ساگر اُمڙي اچي اجمير دربار ۾ پهتو. ٻه
پاڻ اهڙي ليلا رچيائون جو سڀني ٻراهمڻ کي ڏاڍيءَ
سٺيءَ طرح درشن ڏنائين سڀني جي من جون مرادون
پوريون ڪري سڀني جون جهوليون ڀري ڪن جو
دعائن سان ڪن جو پرسادن سان ڪن جي مٿان نام
جي ورکا ڪري ۽ سڀني کي پنهنجن پنهنجن گهرن
ڏانهن روانو ڪري تنهن کانپوءِ ١١ جوُن ١٩٨٤ منجهند
جو ٤ بجي هي سنساري چولو ڇڏي اننت سماڌيءَ
۾ لين ٿي ويا. اها خبر جڏهن پريمين تائين پهتي ته
ڪيترا پريمي جي اچا گاڏين ۾ ٿي هئا ۽ گهرن تائين
به نه پهتا هئا، سي اُتان ئي واپس وريا. انهيءَ ڏينهن
کان وٺي ٻن ڏينهن تائين سندن پارٿو شرير سندن
بيٺڪ ۾ درشن لاءِ رکيو ويو هو جتي هزارن جي
تعداد ۾ پريمي ڏينهن رات درشن ڪندا رهيا. آخر
۾ ١٣ جوُن پورڻماسي ڏينهن سندن شوڪ ۾ سڄو
اجمير بند رهيو. صبوح جو سندن دربار مان وڏو
جلوس ڪڍيو ويو.

جڳهه جڳهه تي اجمير جي ٻراهمڻ سندن پارٿيو
شرير جي مٿان ڦولن جي ورکا ڪئي. ان وقت اجمير
جا رستا ۽ گهٽيون ائين پئي لڳا جڻ ته انهن جي مٿان
گلن جا غاليچا وڇايا ويا آهن. اجمير جي سڄي شهر

منگلا چرڻ

ستگر شو سروپ کو، وندئون وارئون وار
جاس ڪرپا پائي گيان کي، پرگهٽي ڄوت اپار
کرئون وند ڳڻيش کو وکر تنڊ ھئہ جوء
تاس چرڻ کي وندسي، وگهن نہ لاڳي کوء
شاردا مات ودیا پرد، روپ گڻن کي کان
وندئون تاس چرن کو، کرئون دين دن گان۔

شبد ـ ۱ سر پيلو

مونکي پريو لنهنجو وسيلو آ،
مونکي پريو لنهنجو وسيلو آ۔

۱- پريو مايا لنهنجي ستائي
جيون کي تي ڦند ۾ ڦاسائي
مونکي تو بن بيو نا هيلو آ

۲- جگت جيڪي ھي ڏسان تو
لنهنجي اکين سان مان نہ پسا تو
سو فاني کٽنب قبيلو آ

۳- ڀائر ڀانيا مائت مڙئي
سک ۾ سنگي آھن سيئي
ھي سنگ دنيا جو ٻيلو آ

۴- ماڌو تي تون مهر کجانء
انت سمي ۾ سهاء تجانء
اهو ڌالر لنهنجو ڏيلو آ۔

ڇڏي ويا آهن. سو اڳي مون عرض ڪيو اٿئون تہ
سوامي جن اوتاري پرش هئا. اوتاري پرش پنهنجي
پٺيان ڪوئي چيلو ڪونہ ٿاهي ويندا آهن جيڪو
سندن گديءَ تي ويهي. هو تہ هڪڙي راهہ ڏيکاري
ويندا آهن جنهن راهہ تي سندن سيٺي شش هلي
سندن نالو هميشہ لاءِ امر ڪري ڇڏيندا آهن. ڇا
ڪرشن ڀڳوان پنهنجي پٺيان ڪوئي چيلو ڇڏي ويو؟
ڇا رام پنهنجي پٺيان ڪوئي چيلو ڇڏي ويو؟ انهن
جي جوت تہ اڄ ڏينهن تائين پرڪاشت آهي تيئن
سوامي جن بہ پنهنجي جوت هر پريميءَ جي دل
۾ پرڪاشت ڪري ويا آهن انهيءَ ڪري انهن پريمين
مان ڪي هڪ ٽرسٽ ٿاهي ويٺي آهي جيڪا سندن
ڪارج کي ڏاڍي سٺي نموني سان هلائي رهي آهي
۽ هميشہ هلائيندي رهندي. جيستائين پريم پرڪاش
منڊل قائم آهي تيستائين سوامي جن جو نالو بہ امر
رهندو.

٣- مان تہ مٺا موھہ مٽائي
سچو گيان گرو جو ڏنائي
اندر جي جوت جڳائي
سوھم جي سر کي پياريان

٤- مان تہ ماڌو پاڻ ڀلايان
پنھنجي ڪل جو شان وڌايان
پنھنجي پت کي سچو بڻايان
سڀني ڪلن کي تاريان .

شبد - ٢ سر مانجھ

ھري ٺل ھميشھ سچو ڌيان ڏي تون
سدا شانت وارو سچو گيان ڏي تون

١- رھي ياد تنھنجي ڏينھن رات دل ۾
سچي نام پنھنجي جو نيشان ڏي تون

٢- پسون پريو تنھنجي تہ صورت سدائين
سچي پريم وارو سو پروان ڏي تون

٣- سدا شام تنھنجي رھي پياس پرڀو
اساڪي تہ ايشور اھو دان ڏي تون

٤- رھي ماڌو ھري نام تنھنجو
سچو پريم پنھنجو تہ ڀڳوان ڏي تون .

شبد – ۲ سر مانجهه

پيئر رام مک سان جپيو اُٿندي وهندي
سچي پريم سان سو جپيو هلندي چلندي

۱– اُٿڻ سان ڏئاريو هلڻ سان هريءَ کي
وهڻ سان وري سو جپيو هسندي کلندي

۲– کلڻ ۽ خوشيءَ ۾ هريءَ کي ڏئاريو
سچي شيام جو نانءُ جپيو کائيندي پيئندي

۳– ڪيو بات ڪنهن سان نه شيام سندر جي
پريم سان پرڀوءَ کي جپيو ونندي ڏيندي

۴– جپيو نانءُ ماڌو هميشه هريءَ جو
منو نالو من سان جپيو ڏسندي پسندي •

لولي شبد – ۳ سر پيلو ٽالنگ

مان ننڍڙا لوڪي ٻاليان

۱– مان نه گيتا گيان سيکاري
مان نه ڌرم جي راهه ڏيکاري
مان نه پريم هندوري وهاري
سڀ دکڙا تنهنجا ٽاريان

۲– مان نه پريم جو اکر پاڙهي
هن لوڪ کان لاڙو لاڙي
سڀ جم جا ڪاغذ ڦاڙي
هي ليکا جم جا واريان

شبد – ٦ سر پهاڙي

ملڻا سنت سڄاڻ پيئر پاڳـــ وڏي ساڻ
آيــا اگڙ ڀڳوان پيئر پاڳـــ وڏي ساڻ

١– جنم جنم جـــا جـــاڳيا ڀاڳـــ !
جاڳيا پڙهيه پورڏاڻ، پيئر پاڳـــ وڏي ساڻ

٢– پرم پريت ۽ هر ڀڳتيءَ جا !
پري ڏناٺون جام، پيئر پاڳـــ وڏي ساڻ

٣– سڦل ٿـئي سڀ شبوا پـــوڄا !
ٽٽڙا سڀ ڪلياڻ، پيئر پاڳـــ وڏي ساڻ

٤– مـــن ميلي اڄ ماڌو ملڻا !
ڪري آيــا احسان، پيئر پاڳـــ وڏي ساڻ

شبد – ٧ سر پيلو

جت ڪت سنت رهـــن سوپـــارا
اهـــي وسندا رهـــن چـــوپـــارا

١– سنت جـڳت جـــي سوڀا آهن
پـــاپين جـــا ٿـــا پاپ مٽائن
گـــيـــان ڪـــري گـهڪارا

٢– سنت ســـدائين سيتل آهـــن
تن من جي ٿـــا تپت بـجهائن
وســـائـــي امـــرت ڌارا

شبد ـ ٥ سر وهاڳ

امرت سمي پرڀات جو
اِشنان پاڻي ڪر اُٿي
پريم سان پرڀوءَ سمرو لون
ڌيان دل ۾ ڌر اُٿي

١ـ اول ۾ ايشور اڳيان
ڪر پريم سان پرڻام تون
همٿ ٻڌي هر جي اڳيان
وڃي ڪر نيزاري در اُٿي

٢ـ پريم سان پرڀات ۾
ڪر ڪيرتن ڪرتار جو
لات سهڻي لات سان
هردي پنهنجي کي ڀر اُٿي

٣ـ امرت سمي ايش جو
نالو جپي تون نيم سان
نام جي پڻ لاڳ سان
پاڻ پنهنجن کي هر اُٿي.

٤ـ ماڌو ڌڻائي من سان
پرڀات ۾ پرڀوءَ کي
امر آدي آسيش جو تون
پائي پرجهي گهر اُٿي.

شبد - ۹ سر تلنگ پيروي

ست نام ٿيندو توسان ساٿي
من پڙهه تون پريوء جي پاٺي

۱- غافل ڇڏ غفلت هٺائي
من پنهنجي جو ممت مٽائي
تون ته ڏار گروء جي واٽي

۲- جو ڏهاڙي سو ڏيرج پائي
من پنهنجي جا پاپ مٽائي
اها ويدن ڳالهه وکاڻي

۳- رام پنهنجي کي جي ياد ڪندين تون
اگر پنهنجو آباد ڪندين تون
اهو جاڻ سچو تون ڄاڻي

۴- ماڌو گن گوبند جا ڳائي
رام پنهنجي کي روح ۾ رنجهائي
تون ته پيء پرم جو پاڻي

شبد - ۱۰ سر ڪنيان

هندي وديا وڌائيندي
هندن جو شان پارس ۾

۱- هندي وديا سيکاري ڏي
ڌرم نيتي ڪرم ڪرڻ
هندي وديا ڏيندي سڀ کي
سچو سو گيان پارس ۾

٣- سنت جيون جا دک کٽن ٿا
پاپن جي سڀ پاڙ پٽن ٿا
ڇاڻي ٻروپ پسارا

٤- ماڌو سڀ سان ملي هان ٿا
من چت چڱي چال چلن ٿا
رهي نپ جيان نيارا

شبد - ٨ سر تلنگ

جهالي اندر ۾ ٻاء پريتم
من هريءَ سان ملاءِ پريتم

١- ٻس پريوءَ کي ٻاڻ ۾ ڏوري
کيڊيا کوري من کي موڙي
سڄي سرت هنباءِ پريتم

٢- پس پريوءَ کي پاڻ ۾ ڳولهي
اکيون کولي اندر ڦولي
انيو جوت جڳاءِ پريتم

٣- پنهنجي ٻاڻ ۾ ٻريو ڇاڻي
سهي سڃاڻي دم پڃاڻي
روح ۾ رام رنجاءِ پريتم

٤- ماڌو دل ۾ درشن پائي
من ملائي آنند پائي
انهد ناد وڄائي پريتم

٣- علم انسان جي اپو ڪولي
وچن اڏولي مک سان بولي
شانتي پد ۾ سماءِ پريتم

٤- ماڏو علم سان ٻڌي انسان
نيڪ نشان پرم پرڏان
علم سي عمل ڪماءِ پريتم

شبد - ١٢ سر توڙي

مونکي علم پڙهڻ جو چاهه ناهي
مونکي من ۾ پريوءَ جو گهاءُ آهي

١- نکي علم سندو مونکي ابر اچي
نکي پڙهڻ پرجهڻ جو پير اچي
نکي قلم هلائڻ جو قير اچي
مونکي رام سندو هڪ راءُ آهي

٢- مونکي شيام سندر جو پيار کپي
نکي اکر علم جو آر کپي
نکي گهر لڙ ۽ وهنوار کپي
مونکي لن ۾ پريوءَ جو لاءُ آهي

٣- سچو علم پريوءَ کي پائڻ جو
پکو پرم پريوءَ سان لائڻ جو
پائي پريم لوڙ نڀائڻ جو
هي پاد ڪرڻو سڀاءُ آهي

٢- هندي پڙهو هندي سکو
هندي مک سان بوليو واٽي
هندي وديا کندي سڀ جو
سچو کلياڻ پارت ۾

٣- هندن جي آد ڪسان آهي
سنسڪرت ۽ هندي وديا
هندي وديا کندي پيدا
سچو سنتان پارت ۾

٤- هندي وديا پڙهو ماڻو
هندو جي پاڻ کي چاهيو
هندي وديا کندي سڀ جو
مٺي سومان پارت ۾

شبد - ١١ سر ٽلنگ

چاهه ڪري تون علم پراهه
جڳ ۾ پهنچو شان وڏاءِ

١- علم انسان کي ليڪ بڻائي
پاپ چڙائي ڌرم وڌائي
وويکوان بناءِ پرتم

٢- علم انسان جو گيان وڌائي
مان وڏائي شان وڌائي
سچي ڏي ساچاءِ پرتم

٤- سچو ماڌو سو واپار ڪيان
جنهن مان ڪوٽ جنم جا ڪشٽ ڪٽيان
هن لوڪ سکي پرلوڪ ٿيان
مونکي وڻج اهو ڏيو ڪار ڪري

شبد - ١٢ سر ڀيروي ٽلنگ

پيار مهنجو تنهي سواءِ
هن لوڪ پرلوڪ جو هامي

١- پتي اٿئي پران آڌارو
ڪجھ نه تنهن کي ٻاڻ کان نيارو
اٿئي پورن پد جو ڏاني

٢- پتيءَ کي لون پريو جاڻي
من تن سان ڪجھ شيوا سهاڻي
اٿئي ملڪ سڀي جو مدامي

٣- پتيءَ کي شو شنڪر جاڻج
برهما وشنو روپ پڇاڻج
اٿئي انهو ديس آرامي

٤- پتي اٿئي پورن داتا
سک دک ۾ سڀ هنڌ سهاتا
ڪر ماڌو تنهن کي نامي

٤- آهي ماڌو پريم جو گهاءُ جتي
آهي علم سندو نه سماءُ اتي
آهي دنيا جو نه پرلاءُ تتي
مونکي لنو لنو ۾ سچو لاءُ آهي

شبد – ١٣ سر توڙي

مونکي نام سندو ته واپار کپي
مونکي ٻيو نه ڪوئي وهنوار کپي

١- سچو نام سندو واپار آهي
جيڪو ڪوٽ جنم جا ڪشٽ لاهي
جنهن ۾ لاڀ گهڻو ڏک ڪو نه ناهي
مونکي سکن سندو هي سار کپي

٢- ڪڏي نام سندي نه هٽڙي ڪي
توري وويڪ سندي نه تڪڙيءَ ڪي
وکي ٻاءُ ٻرام جي ٻڳتيءَ کي
مونکي پريم سندو پرچار کپي

٣- سچو نام سندو واپار وٽيان
جنهن مان نام سچي جي موڙي مليان
سو پاڙ لئي اين کي لٽايان
مونکي ٻڳتيءَ جو نه ٻيدار کپي

شبد ـ ١٥ سر وهاڳ

أتي ناما تون ڪر وڃي
پوڄا سچي گهنشيام جي

١ـ دل ڏيئي تون ڪر وڃي
شيوا سچي ستنام جي
پاڻ کي اِشنان پهراين
پوءِ ڪرائج ايش کي
پريم سان پريوءِ اگيان
ڏنڊوت ڪجان پرڻام جي

٢ـ صاف صندل تي وهاري
ٺاڪرن کي پريم سان
اگر چندن سان ڪجائين
آرتي سکدام جي

٣ـ ڪبير ٺاهي ٺاڪرن کي
پريم سان پيارج وڃي
تلڪ مالها سان ڪجائين
ارچنا ابرام جي

٤ـ ماڌو اُنيئي مورتي
هي شيام گردر لعل جي
پريم سان پوڄا ڪجائين
نيم سان نشڪام جي

شعر

ايشور جو روپ هيءُ، تو لاءِ تنهنجو ڀرتار آ
ساڪيات مورت شو جي، ڪارڻ سڀ ڪرتار آ
پتي برهما جاڻ تون، پيدا ڪندڙ ٻريو سڀو
پتي وشنو روپ جاڻ، وشو جو آڌار آ
پتي شنڪر ديو آ، هرتا ساري سنسار جو
پتي وياپڪ برهم روپ، وشو جو رکوار آ
پتي ديون ديو **ماڌو**، پوڄا تنهن جي ڪر سدا
پتي رت سڌ ۽ رام ۽، موکيه سنڌو داتار آ

شعر

پتورتا ناري بڻائي، سرڳ ٿي سنسار کي
نار پنهنجي ڌرم سان ئي، تاري ڪل پروار کي
پتورتا جي ڌرم ۾، شڪتي ڀريل آهي سڀي
ڌرم جي ٻل سان هلائي، تيز ٿي تلوار کي
پتورتا ناري هلائي، پتيءَ کي ست ڪرم ڏي
پريم جي پرواهه سان، ٿي وڌائي سهچار کي
پتورتا پنهنجي ڌرم سان، ٿي پائي شڪتي سڀي
نيم پوري ڪرم سان ٿي، شڌ رکي وهنوار کي
ماڌو پتيءَ جي پريم سان، ناري پائي سک سهاڳ جو
هن لوڪ ۽ پرلوڪ ۾، پائي جئه جئه ڪار کي

٢- پتا مونکي پريم سان
پارٿ ڪئي پوڄا سندي
جي نه پڄندي ڪير هي
تان ڪندو ڪاوڙ هن يار سان

٣- مان ڪيان تو منت پريو
مڄ ڪٽي تون سيکه م
چا پلا ورندو وري تان
جهوني هن ٽڪرار سان

٤- انت م ماڏو هاڻي
هي ڪيان تو وينتي
جي نا مڃيندي تان لاهيندس
سر پنهنجو تلوار سان

شبد - ١٨ سر پيلو

هي ٺاڪر پاڻ ڪرتار
آهن عجب عجائب سي

١- ٺاڪر مشڪي ڪير پين تا
ڪڏهن ڪٿن ۽ ڪڏهن هسن تا
ڪن پريم منجهان ته پيار

٢- ٺاڪر ڪيئي روپ بنائن
هار ستا ۽ گهٽا پائن
ڪن سهڻين روپ اپار

شبد - ١٦ سر ڀيروي

ڪيان شيوا سڪ سان، مندر ۾ ٺاڪر جي
رکي سڪ سچي مان، اندر ۾ ٺاڪر جي

١- وهاري وڏيءَ ني، سينگاري صندل ني
عطر جي پاٽيءَ سان، اندر ۾ ٺاڪر جي

٢- گلن ۽ ڦلن سان، مٺين ۽ مولين سان
چندن جي ٽلڪ سان، مندر ۾ ٺاڪر جي

٣- مکڻ ۽ ملائي، پوريون پيڙا ٿاهي
مصري ۽ ميون سان، مندر ۾ ٺاڪر جي

٤- پسان شال ماڏو، مندر ۾ هريءَ کي
سچي پوڄا پل پل، مندر ۾ ٺاڪر جي

شبد - ١٧ سر وهاڳڙ

هي هري ٿون ڪير لوٽو،
پيءُ منهنجو پيار سان
گانءِ ڪپلا جو آندو مون
ڪير امرت ڌار سان

١- لونگ ڦوٽا ۽ باداميون
ورڪ سهٽا سون جا
سچا موتي ۽ سڳنڌي
ڪيسر جي پڙ لار سان

٢- انسان جاڳي ۾ ٻه اڪثر ڪي ٻيان ٻٽيا ٻيڪار ۾
پڪي پشو ۽ ٻڪايل تا رهن آزار ۾
روزي ڏين والي والي سڀ کي پيار سان
٣- ڄڃي مٺا ماڌو ٻٽيا صاحب ٽنهنجي سار سان
رات ڏينهن ٽنکي ٽون پالين پريو پنهنجي پيار سان
پنهنجي ڏين مالي سڀ کي پيار سان

شبد - ٢١ سر ڀيروي

هٿن سان هٿن سان هٿن سان ڪجان
سچي ڪا ڪمائي هٿن سان ڪجان
١- وڃي گردواري ٽون گولو ٻٽي
رکي چاهه چت ۾ ٻه چاڪر ٿجان
٢- ملي سنت ساڌو جي ڪوئي سٿي
ٻڌي ٻانهون ٽنهن کي پيري پئجان
٣- ڪيل جا ڪمائي ٻ، پنهنجي هٿي
ادا اُن ٽنهن مان ٻکين کي ڏجان
٤- آهي مايا ماڌو جا مالڪ ڏني
ڪري پيچ ٽنهن مان ٽون سارٿ نجان

شبد - ٢٢ سر تلنگ

ڪرتار سنڌو هي پاٽو، من دک سک سنگت ماڻي
١- ڪوئي راجا رڻ پل ڏاري،
پل ۾ ٿئي سو پينو ٻکاري
وڃي منگدو در در داٽو

٣- تاڪر پريم سان پريم پسائن
پاڻ پسائي وري ڇپائن
ڪن ڪيل ڪيئي ڪيلار

٤- ماڌو من جا مهٽا آهن
سوپيا ڌاري سهٽا آهن
هي سرگڻ روپ ستار

شبد ١٩ سر تلنگ

درشن ديو پساءِ پل ڪن ۾
١- درشن ڏي تون شيام مراري
دير نه ڪر تون بانڪا بهاري
من موهن آ گرور ڌاري
آهي اسانجي اکين ۾
٢- ماڌو من ۾ پياس پسڻ جي
من موهن تنهنجي مک ڏسڻ جي
دير ڇڏي ڪري سيگهه اچڻ جي
ساموهن بيهه تون سدن ۾

شبد ٢٠ سر ضلعو

پريو تون پالين پالين، سڀ ڪي پيار سان
١- جيا اُپايل خلق ساري، پريو هن سنسار ۾
سڀ کي روزي تو رسائين، جل ٿل پر بت غار ۾
تنهنجي ڏين لعلي لعلي سڀ ڪي پيار سان

٤- ماڌو ڪر وهنوار تون
۽ پرمارٿ پئي پرم سان
چئو پل پل ۾ ڀڳوان ڀڄا

شبد - ٢٣ سر تلنگ

وهنوار جالو مون مائي
سڀ سپنو جيئن رئنائي

١- هي دنيا جو جوٺو ناتو
جيڪي ڀاڱ آهي پنهنجو ڄاتو
ٿئي انت سمي نه سهائي

٢- سنگ دنيا جو جوٺو آهي
ڪوئي ڪنهن سان نيهه ناهي
هي جوٺي پريت لڳائي

٣- ڪنهن لاءِ مان ڪوڙ ڪمايان
پاپ ڪري پنهنجو جنم وڃايان
هتان سنگ نه هلندي پائي

٤- ماڌو من جو موه مٽائي
پريم ٻڪو پرڀوءِ سان پائي
مونکي ڪرڻي عمر سڄائي

٢- ڪوئي ڀيڙو ڀڃي ڀاڳون ڀل ۾
ٿئي سو شاهن شاهه
وهي تخت ڏئي لاٽو

٣- ڪوئي مورک مست ڦري ٿو
ڪوئي پنڊت زور رڙي ٿو
هي ڪرمن جو سڀ ڪاٽو

٤- ماڌو ڀاٽو آهي ڀاري
وڇڙ سڀ ڪي، ٿر هڄي ٽاري
چاهي مورک هڄي سياٽو

شبد - ٢٣ سر وهاڳ

رهي دنيا ۾ ڌر ڌيان ڀڄا
ڀائي آتم پد نرواڻ ڀڄا

١- تن سان ڪر تون ڪار ڀتڙا
منڙو ملاءِ موهن سان
سچو سمتن ڪان ون گيان ڀڄا

٢- جاڻ دنيا کي تون سپنو
رهه تنهن ۾ نيارو سدا
ميٽي من سندو ڀرم گمان ڀڄا

٣- ڪر وويڪ سان وچار تون
پاءِ پرم سان پريوءَ کي
ٻس نام سچي جو نشان ڀڄا

شبد - ٢٦ سر ڀيروي

وڃي تي وڃي تي وڃي تي هلي
ڇيائي هٿن سان وڃي تي هلي

١- آيا ساڌ سائين سي ڪاڏي ويا
اڃا تون نه دل آ ڀاڻن ڪان ڀلي

٢- ڪنا ڪال ڪيئي سوڙن لعل سي
سمجهي تو نه لوڪي موت ٻلي

٣- پري ڪنب لوڪان ٻڌي پيو ٻڌي
پلا تو انهن جي چو ڏوري جهاي

٤- جڏهن موت ماڏو تو مٿان
چٽڻ جي سمجهي تي ڪا لوڪي گلي

شبد - ٢٧ سر پيلو

موکي رهڻو خاص اڪيلو آهي
موکي رهڻو خاص اڪيلو آهي

١- اڪيلو ويهي هر ڪي ڌيائي
شيام سندر جو درشن پائي
موکي ڪرڻو وقت سهيلو آهي

٢- اڪيلو ساڌو سنت رهن تا
آلم پد ۾ پاڻ پهن تا
موکي ملڻ سندو هي ويلو آهي

شبد - ٢٥ سر ڦاڳو

ڀڄن آ ڪرڻو جوڀن جوانيءَ ۾

١- جوڀن ۾ جڳديش رچيو پيدا ڪرڻ سنسار جو
عام ڀرائڻ هنر ڀرائڻ ۽ ڪرڻ ڪم وهنوار جو
ڌرم ڪمائڻ ڪرم ڪمائڻ ۽ ڪرڻ ڌرم پرچار جو
گيان پائڻ ڌيان پائڻ ۽ پائڻ سچي ڪرتار جو
چاڙهيءَ تي چڙهڻو جوڀن جوانيءَ ۾

٢- جوڀن ۾ انسان ڍاهي پربت جي ٽو اوٽ ڪي
جوڀن ۾ انسان جهلي ترار جي ٽو چوٽ ڪي
جوڀن ۾ انسان پڪڙي شير هاٿيءَ موٽ ڪي
جوڀن ۾ انسان ڪاٽي ڪرم جي ٽو ڪوٽ ڪي
موت سان لڙڻو لڙڻو جوڀن جوانيءَ ۾

٣- جوڀن ۾ وڻ ٽو جهلي ميوي گل ۽ ڦل ڪي
جوڀن ۾ درياهه ڏي لهرن جي ڇ اُڇل ڪي
جوڀن ۾ ٽو شير ماري هاٿين جي ٻڻ دل ڪي
جوڀن ۾ انسان جيتي چنچل من جي ڪل ڪي
جيٺري آ مرڻو مرڻو جوڀن جوانيءَ ۾

٤- جوڀن ۾ جڳديش جو ويٺي ڪر ويچار تون
ناڀيءَ ڪان ٻڻ نام جو ڪر اوم سان ڇ اُچار تون
جفا سان هن جان جو ڪر ڪٽي تون ٽار تون
جي چون ٽا پد پرائون ماڌو لهه سوڀار تون
ساگر ۾ ترڻو ترڻو جوڀن جوانيءَ ۾

شبد - ٢٩ سر وهاڳ

جنهن ڪل ۾ پيدا ٿيو ڀڳت سچو ڀڳوان جو
سو ڪل سدا آباد آ سپاتر سندي سنتان جو

١- جنهن ۾ وسي سنام جي
ڀڳتي سدا ڀرپور ٿي
سو ڪل پنهنجي ء گام ٿي
جهنڊو جهلائي شان جو

٢- امر پيالو پريم جو
پيتو پري جنهن پريم سان
سو پريم سان هردو
ٿڌو ڪندو هر انسان جو

٣- جنهن ۾ وسي جوتي سچي
جڳديش جي جوتيءَ سندي
تنهن لعل جي ٿي للاٽ ۾
چمڪو رهي نيشان جو

٤- ماڌو مٺيان جنهن ۾ سچي
سو لعل ورلو لکن ۾
تنهنجي مٿان سيڪو ڪري
قربان پنهنجي جان جو

٣- اڪيلو ايش آهي اصل ڪان
ڌار ٿيو آهي جيءُ اڻل ڪان
موں کي ڪرڻو اُنهن سان ميلو آهي

٤- اڪيلو ماڌو ويهي اوم ۾
سرت لڳائي پنهنجي سوهم ۾
موں کي روح ڏنو اهو رلو آهي

شبد - ٢٨ سر آسا

مان ته پيتو پرلم جو پاڻي
موں کي ڪانه وڻي ٻي واڻي

١- پرلم جو پيالو آهي نرالو
پڻڻ سان ٿيو من متوالو
منهنجي لنو لنو ۾ ٿي لاڻي

٢- نام نشي ۾ آ خاص خماري
پڻڻ سان ٿي دل هڪاري
منهنجي سرتيون ساهه سياڻي

٣- پرلم پريوءَ جو دل ۾ آيو
هوش عقل جنهن شان گنوايو
منهنجي دلڙي ٿي ته ديواني

٤- ماڌو من ۾ بات اهائي
پل پل آهي تات اهائي
منهنجي روئندي رات وهاڻي

٢- سرو وياپڪ سرو سنهي
ساڪي روپ اڏول
تنهنجو تو ۾ صاحب آهي
جهنگ جبل نا ڳول

٣- جنهن ڪارڻ تون جهنگ جهاڳين ٿو
سو آهي تنهنجو قول
ويهي وڻراڳي وٽ تنهنجي
ٻول ٻڌي ڪي ٻول

٤- دم دم سان جو دم هلي ٿو
تنهن ۾ رام رٽول
ماڌو ماڻج صاحب سوئي
شانتي روپ اڏول

شبد - ٣٢ سر ڀيروي

ڀري نهاري ڇو ٿو - ڀرپور پنهنجو پاڻ سڃاڻ

١- هيءَ جو دم سان دم هلي ٿو
تنهن ۾ ٿيڻي اُهڃاڻ
سوجهي تنهن کي صاف سهي ڪر
صاحب تو هي ساڻ

٢- هي جو سڄو جڳت ڏسين ٿو
سڀ چنڊ ۽ چانڊاڻ
سڀ جو سائين تون ئي آهين
ٻُرجهي پاڻ پڇاڻ

شبد - ٣٠ سر تلنگ

جاڳ اٿي تون جاڳ مسافر
ماڻ تون پنهنجو ماڳ مسافر

١- جاڳي رهه هوشيار بندا تون
ڇڏ گندا تون - ڪم مدا تون
پائي ووڪ وڃڙاڳ مسافر

٢- همت آڻين تون وڃ وهائڻ
سچ ڪمائڻ - ڌرم وڌائڻ
راهه سچيءَ سان لاڳ مسافر

٣- ڏسين جيڪي تو هي نظارو
پل ۾ سارو - ٿيندو اجارو
جاڻ گلن جو باغ مسافر

٤- ماڌو اوديا ننڊ نياڳي
تنهن مان جاڳي - ڪر تون سڀاڳي
سنت ماڻ سهاڳ مسافر

شبد - ٣١ سر ڀيروي

دل ۾ تنهنجي ديدار هريءَ جو
عين اندر جا ڪول

١- هردم تو سان هري رهي ٿو
ٻاهر نا ڏون ڦول

سهي سچائيءَ دم پنهنجي ڪي
جنهن جو ملهه امول

شبد - ٣٤ سر ڪليان

آگني جو روپ اج ڌاري
آيو گهنشام اج منهنجي

پيلا اج پاڳ، تيا منهنجا
آيو ستنام گهر منهنجي

١- لڳو آهي سٺاڻو واءُ
پريوءَ جي پير پائڻ جو

ڏريان مان پيت اج کهڙي
آيو سڪڌام گهر منهنجي

٢- رکيل آهي جو گهر ۾ پڻ
ڏريان تو اج پيت سوئي

کريان گهر پار قرباني
آيو نشڪام اج منهنجي

٣- ڏسڻ سان پڻ سرهائي ٿي
ويا دک دور ٿي دل جا

چون جنهن کي منو موهن
